صحبت صالحين

لکندڙ

فقير عامر علي درازي قادري

بفيضان نظر مرشد ڪامل هادي رهبر شهنشاه

حضرت صوفي فقير وزيرڻ سائين درازي قادري



مرشد ڪامل سانول سپرين آيو صاف صحن ۾

فيض فــاروقــي فائق بخشيو فهمائي هن فن ۾



يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ وَكُونُوا مَعَ الصَّادِقِينَ ۝ ١١٩

اي ايمان وارئو تقويٰ ڪيو ۽ الله جي سچن ٻانهن سان گڏ هجو.

هن آيت ڪريمہ جي معنيٰ مرشد ڪريم حضرت سخي سچل سر مست رحمت الله عليہ جن هيئن ڪئي آهي تہ

(اول اچج اعتبار ۾ پوءِ پيچج ڳالهڙي)

صحبت صالحن جي رنگ لائيندي آهي. صالحن ٻانهن سان صحبت ڪرڻ ائين آ جڻ سنڌي انب ۾ قلم هڻي پيوندي انب

تيار ڪبو آهي. جيڪو وڏو منو ۽ لذيت وارو هوندو آهي.

تيئن ئي فقيرن صالحن سان صحبت ڪرڻ سان انهن جي سيني جو راز بہ اچي ويندو آهي.

الله پاڪ هن آيت مبارڪ ۾ جيڪو (مع الصادقين) جو امر فرمايو آهي تہ صالحن ٻانهن سان گڏ هجو. ان مان مراد مرشد ڪامل آهي، ۽ اها ئي هڪ واحد واٽ صراط المستقيم جي آهي.

جيئن مرشد ڪريم حضرت سخي سچل سر مست رحمت الله عليہ جن فرمايو آهي تہ

مرشد ڪامل سانول سپرين آيو صاف صحن ۾

فيض فـاروقــي فائق بخشيو فهمائي هن فن ۾

ڪنهن بہ ڪامل مرشد جي رهبريءَ ڪان سواءِ ڪيل عبادتن ۽ رياضتن جا ثواب ۽ درجا تہ ملي سگهن ٿا مگر حق سان هيڪڙائي قرب الاهي جي حاصلات ممڪن نہ آهي.
ائين سمجهو تہ الله جي رستي تي هلڻ وارا ٻن قسمن جا ماڻهو آهن هڪ صادق ۽ ٻيو صديق، يعني (هڪ مرشد ٻيو مريد)

پنهنجي زماني جي وڏي مفڪر ۽ صوفي مبلغ مولانا جلال الدين رومي پنهنجي مرشد جي بابت فرمايو آهي تہ

مولوي هرگز نه باشد مولائي روم

تا غلام شمس تبريزي نه شد

يعني هو هر گز ان مرتبي جي لائق نہ ٿئي ها جي مرشد شمس طبريزي جي غلامي اختيار نہ ڪري ها.

پنهنجي مرشد ڪريم جي مرشد ڪريم حضرت داتا سخي سچل سر مست رحہ جن ساراه ان لفظن ۾ ڪئي آهي تہ

روز ازل تون سگُ هان مين دلبر دي دربـار دا

هان پير عبدالحق دا چاڪر سچل پيزار دا

حضرت امام رازي رحمتہ الله عليہ جن تفسير ڪبير ۾ سورت فاتحہ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ گهڻن بزرگن فرمايو آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ " اهدناالصراط المستقيم " تہ ڳالھ ختم ٿي وئي. هيءَ آيت مبارڪ ان ڳالھ جو دليل آهي تہ مريدن جي لاءِ هدايت ۽ مقامات تائين پهچڻ جي لاءِ ان ڪان علاوه ٻيو رستو ئي ناهي تہ هو هڪ

ڪامل مرشد ونيءَ، تہ هو صراط المستقيم تائين پهچي ويندو.
مرشد سخي حضرت سچل سر مست رحمتہ الله عليہ جن فرمايو تہ

هڪ ڏهاڙي مرشد مينون آپ اينوين فرمايا

اهو طريقا وحدت والا سانون ٻهون خوش آيا

آکهي سچل ڳالھ عشق دي سچي ٻيا سڀ پنڌ اجايا

حضرت يوسف عليہ السلام جن اڪثر ڪري هيءَ دعا گهرندا هئا تہ

وَاَلحِقنِي بِاالصّٰلِحِينَ

اي منهنجا رب ملاءِ مونکي صالحن سان.

معلوم ٿيو تہ صالحن جي صحبت نعمت ڪبريٰ آهي. جو انبياءَ عليہ السلام بہ دعا گهرندا هئا.
هن حديث پاڪ جي معنيٰ مرشد سخي سچل سر مست رحہ جن هيءَ ڪئي آهي تہ

پير مغان کی آستان پر تون پڙا رهي اي سچل

پرواھ هي کيا تجھ کو تيرا جب پير عبدالحق هوا

بيهقي ۾ شعب الايمان ۾ حضرت زرين رضي الله عنہ جن جي روايت مان نقل ڪيو ويو آهي تہ " حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن حضرت زرين رضہ جن کي فرمايو تہ مان توکي دين جو اهڙو اصول ٻڌايان ٿو جنهن سان تون دنيا ۽آخرت جي فلاح ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهين ٿو، ۽ اها هيءَ آهي تہ اهل ذڪر جي مجلس ۾ صحبت کي لازم پڪڙ، جڏهن اڪيلائيءَ ۾ وڃين تہ جيترو زياده ٿي سگهي پنهنجي زبان کي الله جي ذڪر سان حرڪت ڏي. جنهن سان محبت ڪرين تہ الله جي لاءِ ڪر ۽ جنهن کان نفرت ڪرين تہ الله جي لاءِ ڪر. (تفسير مظهري)

مرشد سخي حضرت سچل سر مست جن هن حديث پاڪ جي معنيٰ هيئن ڪئي آهي تہ

وقت اها ٿئي ويل دوئي دور ڪرڻ جـــي

ڪڍ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويـــل

هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميـل

مـتـان ٿيئـي اويـــل اولهہ سـج نہ الـهـي

حضرت ابن عباس رضي الله عنہ جن کان منقول آهي تہ شيخ پنهنجي جماعت ۾ ائين هوندو آهي جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.
مولانا جلال الدين رومي فرمايو آهي تہ

يک زمانه صحبت با **اولـيـاء**

بهتر از صد سال طاعت بي رياء

اولياءَ سان گڏ ٿورڙي گهڙي جي صحبت سَو سال جي بي رياءَ اطاعت کان افضل آهي.

جيئن مرشد ڪريم حضرت داتا سخي سچل سر مست رحمتہ الله عليہ جن فرمايو آهي تہ

پارس لـڳـــي سـون ٿيون لوهـاڻــيـون لـوريـــون

جهـل جـهـڳـن ڪي ڪانہ ڪا وريـون ۽ ويـريـون

محلين رهن مـيـر جي مهـاڻـيـون ۽ مـيـريـــون

ســمـي ڏنــا ســهــاڳ كــي ســهــج ۽ ســيــريـــون

كـوجهـن مان سهڻيون ٿيون جهٽ پٽ جهيريـــون

تـمـاچي تـيـريون سچل كينجهر جون كنيون كٽي

امام احمد بن حنبل رضي الله عنہ جن اكثر كري حضرت بشر حافي رحہ جن جي خدمت ۾ ويندا هئا. هڪ ڏينهن شاگردن پڇيو تہ توهان هيترا وڏا عالم ٿي كري هڪ فقير وٽ وڃو ٿا جيكو عالم نہ آهي؟ حضرت امام احمد بن حنبل رحہ جن شاگردن كي جواب ڏنو تہ مان كتاب الله جو عالم آهيان، ۽ حضرت بشر حافي عارف باالله آهي ۽ عارف باالله كي كتاب الله تي فضيلت حاصل آهي.

حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رضہ جن سڄي دنيا ۾ علم ورهائڻ وارو خود حضرت بهلول داناء جي دروازي تي وينل نظر اچي پيو.
حضرت امام شافعي رحہ جن اكثر كري حضرت شعبان رائيجن سان صحبت كرڻ ويندو هو.

مطلب تہ شريعت جا امامن بہ كنهن نہ كنهن فقير جي صحبت كي لازم پكڙيو آهي.

جيئن حضرت محبوب سبحاني قطب رباني سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ جن فرمايو آهي تہ " الله تعاليٰ جي محبت توحيد جو اَساسُو آهي پر الله تعاليٰ جي محبت بہ اهل الله جي محبت ۽ صحبت كان بغير حاصل نہ ٿي سگهندي."

مرشد كريم حضرت داتا سخي سچل سر مست جن فرمايو آهي تہ

مـرشــد هــادي رهنما ٿا سمجهائن ائين

هــو تون ڄاڻج پاڻ كي متان هيءُ ٿئين

وحــــدت جـــي چوگان ۾ اها گوءِ نئين

سچل ساڻ يقين جي هي حال ڏي هئين

حضرت سيد انور شاھ ڪشميري رحہ جن فرمايو آهي تہ " پلي کو لَکَ دفعا بخاري پڑھي پر جيستائين ڪنهن ڪامل شيخ جون جُتيون سِڌيون نہ ڪندو تہ ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندس."

حضرت محبوب سبحاني قطب رباني سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمتہ اللہ عليہ جن فرمايو آهي تہ "مريد جڏهن ادب سکڻ لاءِ مرشد جي صحبت ۾ وڃي تہ اهو خيال ڪري تہ منهنجي مرشد کان بهتر هن زماني ۾ ڪوئي بہ ناهي."
جيئن مرشد ڪريم حضرت داتا سخي سچل سر مست رحمتہ اللہ عليہ جن فرمايو آهي تہ

هادي مهدي مرشد ميڏا قادريہ هي ڪامل

عـارف عـبـدالحـق بهر نال مريدا شامل

آخر ۾ مرشد ڪريم حضرت داتا سخي سچل سر مست رحمتہ اللہ عليہ جن جي فارسي مثنوي مان هڪ بيت مرشد ڪريم جي شان ۽ مقام بابت پيش ڪجي ٿو.
ديوان آشڪار ۾ مرشد سخي سچل سر مست رحہ جن فرمايو آهي تہ " هڪ ڏينهن حضور پر نور محمد مصطفيٰ صلي اللہ عليہ وسلم جن جي حضور اقدس ۾ حاضر ٿيس، تہ ٻنهي جهانن جي سردار جيڪو سموري مخلوق ۾ چونڊيل ۽ پسنديده آهي.
ان حضور آقا عليہ الصلوات والسلام جن وڏي شفقت ۽ مهربانيءَ سان حڪم فرمايو تہ پنهنجي پير طريقت شيخ عبدالحق جي اجازت بغير اسان جي حضور ۾ نہ ايندا ڪريو!

اسان تنهنجي پير و مرشد کي پنهنجي خصوصي ۽ پسنديده ماڻهن جي جماعت ۾

شامل ڪيو آهي ان جو فيض هر هنڌ جاري ۽ ساري آهي.

اسان جي پير طريقت جو شان ۽ شوڪت نهايت بلند ۽ بالا آهي. انهيءَ جهڙو وڏي رتبي وارو انسان هن جهان ۾ ڪوبہ نہ آهي.

اي آشڪار" تون پنهنجي پير و مرشد جي پيرن جي پٽي تي

وڃ تہ جيئن ان جي همراهي ۽ دوستيءَ سان بادشاهي جي رتبي تائين پهچي سگهين."

(سبحان اللہ)

ختم شده